نه اهو رنگ روپ رونق آهه — پهچي جانم تي ساپرائي ٿي
آهه پيري رهي جواني مان — ٿي جدائي منهان مدائي ٿي
نه رهيو اقتدار جسماني — پختگي ۾ اچي کپائي ٿي
ٿي جواني نه بيوفا آخر — جا پرائي هئي ساپرائي ٿي
لبِ شيرين جي ماهرون جا — تلخ تر آهه سا مٺائي ٿي
تن جوانن مان نڪري ويا آهن — ڪير مان نڪري جان ملائي ٿي
جيڪي ٿيڙو ٿيو مگر معلوم — آهي دنيا جي بيوفائي ٿي
هڪ آهي هزار سرصد وده دو ١٣١٢ — جنهن ۾ دريا جي ڇائي ٿي
جتي پاڻي ڪٽ من هو ڪونه آيو — اهو ميدان ۾ هو ترائي ٿي
ڪيترا گوٺ ٻوڙ ڪيا برهم — متوطن ويا نوائي ٿي
ويو حسين مان نڪري غمزه و ناز — اهڙي دريا جي ڪم ادائي ٿي
نيٺ ڪم آيو بنگلو جيڪب جو — وڃي ويٺا سون دلڪشائي ٿي
× بنگلو جي ۾ ميرِ شاهنواز — اچي ساڪن ٿيو سانگائي ٿي
اچي وارڻ ٿي اهڙي تند هوا — ڪيترين ويون شيون هوائي ٿي
تنهن سان شامل اچي هو مينهن ٿيو — راتي ڪاري سيه سوائي ٿي
جاءِ مطرب هو رعد جو آواز — نچون ڪنو ٿيون نه دلربائي ٿي
خير خوبي سان ڏينهن ويا گذري — گذري جا عمر سا پرائي ٿي
پوءِ جو ذيل غزل به داخل ڪيم — جنهن ڪان ديوان جي ٽرائي ٿي
× سير عاصل جبل تي هو بنگلو — دلکي مرغوب خوش نمائي ٿي

آهيان عبدالحسين ڪٿي و غم
منهنجي مولا جي هٿ خدائي ٿي

حالتِ ضعف ۾ ادا مونکي   طلبِ يار ني تڳا مونکي
يادگيري نه سروِ قامتِ يار   آهه پيريءَ جي ني عصا مونکي
شوخ ٽيان جيکو شاهه مونکي چئي   شادِ ٽيان جي چوي گدا مونکي
ني رڳي نت سرود شادي کان   وه گدا جي صدا سدا مونکي
جي سُٺان ڪٿ ڪلام ماتم جو   ياد پيئي شاهه ڪربلا مونکي
باوفا يار ناهي عمد ناهي   آهي جنهن عمر بيوفا مونکي
ابتدا ۾ ڪريان آءُ ڪهڙو ناز   آهي در پيش انتها مونکي
طلبِ غير و حرص دولت کان   تون بچائيندين ياخدا مونکي
نفس امّاره ني ڏني نصرت   لطف سان شاهه لافتا مونکي
ڪربلا جي نه خاڪ پاڪ سدا   آهي هر درد جي دوا مونکي
نه ڪيا بنگ ني شراب ڪيا   چشمِ دلبر جي ڪيا نشا مونکي
منهن اگيان ٿيئي مهرو ماه بيٺي   تا نظر ۾ اچن ذرا مونکي
پيچ پايان ٿو ياد آيو اٿم   ڪاڪلِ دلربا دوتا مونکي
هن سلامن سان شل سلامت هوءَ   محب منهنجي جي مڪا مونکي
مهرباني محيط ٿو جاڻان   يار جي موڪليا چلا مونکي
من لگن تير تنهنجي پنهنجين جا   شال ترچين سي تڪا مونکي
حق ڏني آهي باغ هستيءَ ۾   بلبلِ طبع خوشنوا مونکي
مونکي مرشد کان ٿيو خدا حاصل   گل ساڻ بلبل ڪيو آشنا مونکي
ترڪ الفت ڪريان ڪري نه سگهيس   يار ياور چئي چڪا مونکي
نه خبر آهي ڪنهنکي تنهنجي ڪا   نه خبر آهي ڪنهنجي ڪا مونکي
مونکي ڪافي ني حب حيدر جي   ڪين گهرجي ٿو ماسوا مونکي
تنهنجي قدمن تان ٿيان آءُ قرباني   آهي هيءَ محب مدعا مونکي
مهرباني ڪري سو تنهنجو لقا   شال ڏيکاري ٿي مهلقا مونکي

حال دنيا جو چار ڏينهن چنگو
آهي سانگيءَ جيو صفا مونکي

ڪُل يومٍ هُوَ فِي الشَّان آهي
تنھن سبب کان دل حيران آهي

ولي ئي ماڻھن مان محبت نه ڪري
هر ڪو هيڪ ٻئي کان گريزان آهي

جھنگي پاڻيون سو ٿڙي ٿيءُ ڏسمن
اي اما تنھنجو نه ارمان آهي

سيکو ڪيڙن ۾ رهي ٿو قاتل
آهي آنه اد جو عريان آهي

جھنگي احسان ڪريٿو پابند
عين انسان سوئي انسان آهي

وجد ۾ هوند وڃان آءُ نه ڪري
تنگ دنيا جو بيابان آهي

ياد ۾ ڪنھن گل خندان جي وري
بلبل طبع ٿي نالان آهي

جي بھار آيو اھڙي حالت ۾
اي جنون دست وگريبان آهي

فرقتِ يار ۾ آيو ساوڻ
تير باران ٿيو باران آهي

آهي سو درد محبت ٿيڪ
جنھنجو دارو نه ڪو درمان آهي

حال منھنجو ڏسي هرڪو ٿي چيو
خير هي خواهش جانان آهي

جنھن ڏٺو موکي چيو تنھن بيشڪ
قرب مان يار ٿي قربان آهي

پاڻ کي پاڻ نه مون ڪيو پابند
زلف دلبر ڏس پيچان آهي

جي ڪيئي مون کي پريشان سو پاڻ
زلف ظالم به پريشان آهي

عشق جي تنھنکي بلا ڪٺي جي خبر
جيڪي خون جو نه خواهان آهي

ڏسي سهڻن جو حنا لائل هٿ
ٿيو يقين پنجهٔ مرجان آهي

سو به هن طرح ۾ جوڙيندو غزل
حيدري خاصهٔ يزدان آهي

هن غزل جو ڏئي گدا جلد جواب
جو ڪي سر پنج سخندان آهي

تنھنجي سودا جي دوا سھڻن جو
سانگي سو سبب زنخدان آهي

ڏي سنيھا اي صبا منھنجو وڃي دلدار کي
جو مبدل ڪيئي پرين انڪار هينئن اقرار کي

جي اچين منھنجي اڳيان محبوب منھنجا مهلقا
سڪريا قربان ٿي پرتئون جھان پيزار کي

حاضري ۾ ٿي رهي دائم اڳيان دلدار جي
آهه ڪو توبھ تنوا سا کان دوست جي ديدار کي

ڇرچتون فاني ۾ آهن دولتِ فاني ڪا وڏ
جڏ عقل جي نقد کي ون عشق ڪيميا ڪار کي

جي ڌ سين محبوب منهنجو رهندا تا ناهي شڪ
ڏوڙ ۾ داخل ڪرين توڙ جبّه ۽ دستار کي

هو خريدارن جو بس يوسف جي سر تي اڙهام
حق ڏني رونق عجائب حُسن جي بازار کي

ڪئين ڪريان ڪنهن کي جوان آءُ درد دلجو داستان
ثمر ساري صرف ڪيم سڪندي سنڌ ديدار کي

جڏهن اکيون تنهنجي ڌسر لئي دل به تڏهن داهڻو
تا سڪن منهنجا سدا ءِ گوش تنهن گفتار کي

قرب درگاه لطيفي تئي نصيب عبدالحسين
هي سوال آهي سدا ءِ حيدرِ ڪرّار کي

زلفن کي پيچ پا ٻجي ڪاڪل سنوار جي
بوسه ڪنار سان دلِ عاشق ڏنار جي

پهرين نه سرتان عاشقِ مضطر کي وار جي
وارن کي بوءِ روئي منوّر ٻئي وار جي

هرٽا اگي جي محبتي پهنجي کي مار جي
ڀهتر هي آهه امنگي جو ماري جيار جي

نوڪر ٻجي غلام ٿئي ياڻ مار جي
سيکي ڪجي پهه يار سان گڏ جي گذار جي

افسوس هڪڙو آهي هجن سر هزار جي
هوند وار وار يارِ تان هڪ هڪ کي وار جي

اي مَن موهن منا کو مئي پرِ ڳال مان
پيالو پريم جو پهه پيارل پيار جي

پيرِ مغان جي خدمتِ اقدس ۾ آهي عرض
آيو بهار کي مئي گلگون پيار جي

تنهنجي ديوانگي نه تئي زنجير جو ضرور
زلفِ روتا ۾ پهنجي سو واڳي وهار جي

منهنجي اگڙ هو نوڙ مجسّم جي پائي پير
اکڙين ۾ ڏئي اوٺارو نن ۾ وهار جي

جي سر ڏني ملي نه هي سودو ٿيو سهري
بيشڪ سوڙيئي بوسهٔ لب کي اڌار جي

غلمان وحور جنّت فردوس جا مزا
سب ڏيئي هڪڙي بوسهٔ لب کي اڌار جي

دار جي وري ڏيڻ جو تمسڪ نکي ڏجي
هندوئي خال يارِ کان بوسه اڌار جي

دل کي بجاءِ نقطهٔ پرڪار ڏئي مقام
ڪثرت جي دائره ڏي نه هرگز نهار جي

صورت ۾ آهه جلوهٔ ذاتي ڪندو ظهور
ٿيندو ثواب حسن ڏي نت نت نهار جي

نامِ خدا سنڀال متان کو نظر لڳي
پائي ڪجل اکين ۾ نه ٻئي ڏي نهار جي

پيمانهٔ پريم ڏ دريا جي ياڻ پُٽ
سهڻي مهار ساجنڻ پار ٻوهو پار جي

تنهنجي ڪمان ابرو جو انصاف جا ٿيندس
پنٽين جا ٿيو موڪي وڃن آر پار جي

مردانگي سان ڪوئي محبّت ۾ رکه قدم
هرگز نه آهه مشغل همّت نه هار جي

سر تي جهلن ٿا شاد ٿي تهنجي اي جفا يار
ابرو جي عاشقن تي اچي ٿي ترار جي

آءُ جيو نه سر خرو ٿي جوان واه واه واه
ابرو جي منهنجي سر هيٺ سهٺو ترار جي

تيغ زبان سان تنهنجي ملامت ڪري مدام
هان مار جي رقيب ڪريل ڪيءَ ڪار جي

جٿ نٿي ڪري ڪجي مرد دشمن سان دشمني
جي ٿي سگهي رقيب جي ڪاٽي ڪي ڪار جي

ساقي بعيد شرط مروت کان آهي هي
اعتبار کي پيار جي مئي يار نثار جي

اعجاز عيسويءَ ۾ نه هو جيڪي تو ڪيو
حيرن کي مار جي ۽ مئن کي جيار جي

خواهش نه باغ جي نه گلن جي ڏسڻ جي آهه
حاصل ٿئي مراد ملي گلعذار جي

مشاط گرچه مار هي پاليل آهن مگر
زلف روتا کي روز سنياڻي سنوار جي

گهورن سا گهائي چيري ۽ ڇوري چڙ تو ڪري
اي شوخ چشم محسني مجنون مار جي

جي ٿي سگهي نه زاهد خارج جي ٿيڻ سان
مئخانه جو نه صحن مصفا بهار جي

جي مَن موهن مِنو منهنجو منڌار يار ٿئي
جواهري حال سان هوند گوشه گذار جي

ڳن ڳايجن رقيب جا شڪوه ڪجي نه ڪو
ويلو جو وِرهه جو وڃ تنهنکي وسار جي

عشوه عجب عجيب ۽ غمزه غريب ڪر
مُرڪي مٺا سڙي دلِ عاشق جي ٺار جي

جي آهه هڪڙي طرز مضمون بيو غزل جيو
جي طبع دار جي نه پيلا اهڙي دار جي

تو نه گل سان گڏجي ويهه ۽ سڻ منهنجا ڇچو
بلبل کي آئي منهنجي مقابل بهار جي

نازو ادا و غمزهٔ جادو صفت ڪري
دلڙي سدائين سانگي جي دلبر ڏُتار جي

ڪيائين وري ٿي مرهم جيلا هزار جي
ليلان وڃايو داستر هٿ ڪيائين هار جي

مول جي عشق ۾ اچي محڪم ٿيو مينڊ ۾
ٿي پاڻ پيو شڪار ڪيئين ٿي شڪار جي

جانئيو تماچي جام جي نوريءَ جي نينهن ۾
ڪينجهر ۾ نهجي هٿ سان هلايائين جار جي

راڻجن جي لاءِ هيرته هر هلي ٿي وڃي
تنهن ڌم به ڌم ٿي هلايا هزار جي

ڪوتن ڪرڻ ۾ مارئي سارو منو مليو
سالم رکيائين سيل نه راسياءِ دار جي

سسئيءَ نه در جي لاءِ وندر ۾ ٿي ورتنا
ڪنهن ته اهڙو ڪنهن محبت جو بار جي

سهڻيءَ ميهار لاءِ نري تار ٿي چيو
ترهو طلب جو تار جي نا اهڙو تار جي

بلبل کي گل سان خوش ڏسي ڇا ٿيندو هنجو حال
هن حالت فراق ۾ آيو بهار جي

مستي اسانجي گنبد گردون کان ويندي پار
دِن جوش ڄڻ جنون ۾ آيو بهار جي

هي فکر مونکي آهي نه عُقبيٰ ۾ ڇا ڪريان
دنيا ۾ تو تان ساهه ۽ سر ٿيو نثار جي

بادِ صبا سوءِ مونکي رسايو پيام يار
ني مرغ نامه بر نه رسايو سوار جي

جِلِّيان عذاب مان خطِ آزاد گي مليو
بخشيو ڪر هن به بوسهءِ رخسار يار جي

آئون بارڪ الله جيئُ تو وجهان تهر طرف مليو
ڪا طالبن جي ني پوي ڪَن ني تنوار جي

وا ٿيندا ڪيترا گل مضمون پر شميم
سانگي سدا ۽ دل ۾ رهي خار خار جي

گل کي جڏهن چمن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي
بلبل ڪي جهنجهن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

بلبل صفت ڪيم ٿڏهن فرياد الفراق
ڪهن باغ جي گلن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

زلفِ رسا ڪي سار ٿي پريشان ٿيو هنجو حال
جي مشڪ ڪي ختن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

آيو وري سندءِ لبِ جانبخش جو خيال
ياقوت کي يمن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

دلبند آهن سندءِ دُرِ دندان با صفا
موتي جنبيو عدن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

جيڏي ڏئي نه توکي ڏسَم تو بنا نه بي
جي يمنجي پيرهن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

بيتاب بي ستون ۾ هو شيرين جي شوق کان
هي حال ڪوهڪن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

ڪلندي شراب پيندي ۽ ڳالهائيندي ڪيتي
جي دوست دوستن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

توکي جڏهن پسند پيئي منهنجي بي پري
جي مرغ ڪو پرن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

آوارگي پسند جڏهن منهنجي توکي ٿئي
ڳهاربند ڪو گهرن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

مَتي ڪي ڏسي ٿيو خون جگر منهنجو اي عجيب
پيالي جو جڏهن چپن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

آڳهه ۽ مسافر افتاده حال سٿي
ويڙل جي ڪو وطن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

تنها پسند جو ٿيان ۽ جو ٿيان گوشه گير
بڻ تڻ ۾ ڇا جهنجهن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

مهڪن جو يا نزاڪت جو يا ڪ ناز جو
ٽڪنڊو پر جي ڪو سمن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

مجنون جي وادي ۾ وڃي هڪڙو ۽ جيڏي
آهو ٽنڪل پٽن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

عبدالحسين جهڙن سان ڪجي ڳالهه حال جي
لائق جي ڪو لڪن ۾ ڏٺو مون ته ياد پيئي

قرب وارا پرين ڪلال نه ٿي
بولا وارن سان ٻي خيال نه ٿي

بيگمان بيشهٔ محبّت ۾
شيردل جي نه ٿئي شغال نه ٿي

پڄنه مغزن سان اي رقيب رليا
خام ڪر خير خر دجال نه ٿي

دوست دشمن بڻجي پون تا ڪلا
دوستن سان به دلجو حال نه ٿي

پا ٿئي پهچين به منزلِ مقصود
برہ جي رهندڪان بتّال نه ٿي

تونکي ناصح ڪئي نصيحت هي
خاص مدّاح خط وخال نه ٿي

عمر پنجاه کي رسي سانگي
سال ويا گذري طبع سال نه ٿي

پرپيچ ناڳ پون ٿا پهري ڪئي ڪئي
سي زلف جا زور آور زهري ڪئي ڪئي

رخسار تي چپن تي پرن تي جبين تي
تا پيچ پائن ڪاڪل قهري ڪئي ڪئي

ابروءُ وسمه دار تي خط تي ۽ خال تي
دلڙي اسان جي آخر ٺهري ڪئي ڪئي

مومل ڏسي پئي ڏي لوداڻي ڏي ڪاڪ ڏي
ڪاهي ويو جي ميندرو مهري ڪئي ڪئي

ظاهر ۾ زمانه ۾ صورت ۾ شان ۾
پيا خيال پيا پڇائن دهري ڪئي ڪئي

سورن کان بڪهي ڪان ۽ ڪُتن کا چراخ کان
تپ ڏي جرڪن وٺن ٿي تا شهري ڪئي ڪئي

حامد ڏسي گدا ڏسي ۽ حيدري ڏسي
پران ٿي منهنجي طبع جي بحري ڪئي ڪئي

اُن دلربا جي جان ۾ دل ليم خيال ۾
سانگي اٿو ويو آهي جو پهري ڪئي ڪئي

آئون طرحدار يار تان صدقي
پهنجي نازڪ نگار تان صدقي

سي مسلسل سدا ۾ مرغولا
زلف جي وار وار تان صدقي

جو مٿي تي مڻي جي آهي تهڻ
جيرهٔ زر ڪنار تان صدقي

جي نه ٿيندس ته بس خجل ٿيندس
خنڙي جي جيار تان صدقي

يار تان ٿيو خرس قربان پئي
آءٌ تيان تنهن نثار تان صدقي

[illegible]

چو اگي عندليب کان نہ ٿيان — پهچي آءُ گلعذار تان صدقي
عاشقن ۾ ڪيو سرخرو مونکي — لال رخسار يار تان صدقي
آهيان نازڪ خيال چو نہ ٿيان — نازنين نازدار تان صدقي
ڏسي رونق چمن جي چئو بلبل — باغ تهنجي بهار تان صدقي
شوخ ٿي مونکي ماري شوخ چيو — آءُ پهنجي شڪار تان صدقي
مونکي صد ما ڏني زها نہ چيو — اهڙي آءُ بردبار تان صدقي

صدق دل سان ٿي تون اي سانگي
شاهہ دلدل سوار تان صدقي

جدائي ۾ نہ اي جاني جدي ڪي تو جهين گهر جي — مگر هي نيهن جو ناتو نباهي سونهن گهر جي
پيالو پرت مان پُر يار يارن کي ڏني گهر جي — ڀلو آيو شراب پرتڪالي کي پيئي گهر جي
سندو ساقي جي از لطفِ الٰهي ڏي پرکري پيالو — شراب ارغواني جو پرت مان سونهين گهر جي
دلين جي آهہ تا سائين جي ساقاهي اي مشاطہ — مڪر رڪاڪلِ پيچان کي وت ڏاد و ڏين گهر جي
چون سڪرات کان تا سخت اکڙيون انتظاري کي — مٺن کي صفت اي ڪهڙو دلاسو جو ڏين گهر جي
ادا کو عاشقن ٿي فرض جي آهي نہ هي آهي — نشا بر نيهن جو ناتو نباهي سونهين گهر جي
شريعت رو آهي هي مسئلو منظور ڪيو ملن — ڪنهي ڪا هي ملي دعوت آهي سنت ڪين گهر جي
پيئي حسن ساهہ پيندي کي هي تنهن پيچي بسم قاتل — هتان پهنجي جي ڏئي دلبر ڪنهو ڪاروڪين گهر جي
ذڪر تون سانگ صورت جو سدا احسن تي حيران — جتي جانب ڪري جلوه اتي عاشق ٿيئن گهر جي
ادا مستن جي شرب ۾ مقرر حڪم هي آهي — سدا سهڻي تي سر ڏيئي ساهہ سان صدقو ٿين گهر جي

جي سچ پائين تون اي سانگي سندءِ هو نيهن ۾ نالو
بحبّ حيدر ڪرار منِ جگ ۾ جيئين گهر جي

سدا سانگين جي جهوپڙ ۾ ڪنوڏڻ نماڪين گهر جي — رهي تو تاڪ تون جي پيچي پاڪي پين گهر جي
ڏجي مون مر نہ مارن کي جي پيچي تاڏ جي پاڻو — سوا پهنجي پهوارن جي پيالي ڏين ڏين گهر جي

عمر ماروي ملي جا ائيو سندس من جو ملهم مشڪل — ڏکن رهيءَ ڏٺ نه هٿ اينءَ تنهن ڏوتي ٿيءَ گهر جي

وري سا مصرع دلڪش ٿرن ٿيئي ياد ڪر سانگي
نه حُبّ حيلهءِ محترا هن جگ ۾ جياڻ گهر جي

بنا دلبر ته ڪئن ٿئي معطر ڪي ڪيٺ گهر جي — پري جو جام وهم جو جام ڏئي سوپرين گهر جي
جڏهن تون ڪيهڙي واري وائي يار تو وڳون — تڏهن تان پاڻ سان پرمل نيڻن ڪي پي بيڻ گهر جي
ورنهم آءُ ونڊ جي ور ڏيان مرهون ور تولئي — جدائي ۾ نه اي جاني جڏي ڪي تو جياڻ گهر جي
ڪري ڪاسا هسيئي جي وري ڪر هل اچو ڪاهي — تڪيئي ٿي اي پنهون پرمل اهو تو ريٺ گهر جي

پنهون تهنجي نه پو واري ڪري تهنجي نه ڪر پروا
نه سانگي پر تڙن پرين ساڻ پرياري ٻيڻ گهر جي

بنا پونهن جو نازڪ تماچي ڪي ڏيڻ گهر جي — ڪڪي ڪاري ميايئين ۾ نه نيڻن سان پيڻ گهر جي
تماچي جام سانگي جي چڙهي گادي مٿي گنڌري — چيائين چاه مان مهي محي ڪاري ڪيٺ گهر جي
جبيرن وٽ ڪئين جابون ملاحن سان ڪئين ميلا — سدا ڪينجهر سندو ڪارو مٺو پاڻي پيٺ گهر جي
جبيرن جي اچي پيو دام ۾ سو جام جامن جو — بلائي برکام بيشڪ هٿيڪو هئن ٿيڻ گهر جي

سدا پائي نه اي سانگي سندءِ هوءِ نيهن ۾ نالو
چله ڪئين جيرن سان جبيرن سان جيڻ گهر جي

ڪري ترهي ڪي تهورون تکي تهه ماترڻ گهر جي — محبت ۾ منئي مينهن جي موجن ۾ مرڻ گهر جي
پنهون پيارا پرين پلپل کجي پوءِ هيئت جي پوءِ واري — پرينجي پر تڙن پرهل پرڻ سان نت پرڻ گهر جي
سدا ڪائي ڪليو سهڻون ڪتا ڪيرن ۽ ڪيڙ نه ۾ — عمر موڪيئه ڪا تڙ جي نه ڪيرن ڪان ڪرڻ گهر جي
ڪلاچي ڪئن ۾ مانگر مڇ ملاحن سان ڪي ڪاري — ڪنڊيءَ ۾ تيءَ نه قابو سهڪيري ڪئن ڪرڻ گهر جي
پيا پيچ جت پون پلپل تها پيڪان پنبڻن جا — الي صد پاش ٿئي سينو سورن ڪي پرڻ گهر جي
ڏرپائي جا آهي تڙين جي دنيا دهن دولاب ٽ — تڏهن دل ذوق تهن ڏوئي جي ڏوپن تي ڏرڻ گهر جي

پلا مانهنجا ٿو پارين پاه ٻاهران چوڪرين پر پر
نه گهر جي ٻي ڪري ٻولي پر پاڻ مِري گهر جي

سُڻي سڳهو ٿيو سانگي هي مصرع حامد جي
محبت واريءَ موران نه ڏوگهن ڪان ڌڻي گهر جي

محبت سان مڃي مهران نا رهن جنهن تري گهر جي
نه سُهڻي توکي ساهن رهي پسي واهر ورڻ گهڙي

پرت کي چاڪندو پاڻي وچي پوءِ پيش پرين جي
ڪري ڪُن ڪيترا ڪهڪا نه ٿهني ڪن ڪري گهر جي

تري وچ تار مڇرون سهي ڦريون سدا لوڏا
ورڻ ڪان اي ولهي توکي محبت ۾ مرڻ گهر جي

مُنهنجون موجون ڏسي ڀهندان وڃڻ جي ڪم نه ڪا وائي
جڏي سبب خوف ۽ خطرا ڏٺي تي دل ڌري گهر جي

جي سانڍي سوز ساهن جو سدا سالم رهي سڳهڻي
پره جي ٻاه ۾ توکي نه پانڌن جنهن ٻري گهر جي

اُهي لهريون اهي لوڏا اُها دهشت اهو دريا
ورن آهن هي وحدت جا نه ڏيکن ڪا ڌري گهر جي

چڙا جهڙن هنڌ تا چونگارين وچ تت قرب تا ڪي آهي
مڃي مهار جي توکي ڪٿي ڪان ڪئي ڳري گهر جي

اُها حامد جي سانگي ڪي وڻي تي مصرعه موزون
نماڻي نيهن جي ڪي نيٺ مِن نپ ۾ رڙي گهر جي

مون لا ٿو ڪيس وارن کي نه تنهنجي ذات هي ڪاري
پر تنهنجي پيا وارهُ قسمت سان سفيد وسرخ نگاري

اچا مو فڪر وارن کي ڪريان ڪارو جوانيءَ جن
وري پيري ڦري آئي ادا مونکي تنهجو ڏاري

اڃا اَلآن ڏند آهن جي اُوپڻ ويا نه ٿيو مشڪل
ڪڏهن ڏندان مصنوعي سان چٻند ڪين ساري سو

ڳلن ۾ گهنج پيا اعتر ۽ چهرو سارو ٿيو وري
نه گويا تخته سيمين ٿيو آهي قلمڪاري

جڏهن آئي ڪهن سالي لڳي هنڌ سارتان لالي
وڃي سا عمر متوالي هئي جنهن ۾ پرت پياري

جوانيءَ جو عجب جوبن خوشيءَ جو هيس هوش حسن
سوا هو سڪر جي هنڌ وائين جو رنگ ها لاري

هميرخواهش نه ٻي آهي اگر آهي ته هيءَ آهي
خدا جي فضل سان سنگت سلامت شال هجي ساري

اُهي پيريءَ جا پيدا ٿيا جواني جا ويا چرچا
هو جنهن ۾ شوق ۽ شادي وئي سا عمر عياري

تنهنجي جهڙن طرح سان قادر نه ڪو ڪاري تي اي سانگي
جڏهن لهجي نه پيريءَ عيا سان ڪان تي گنهگاري

بيداد آن بُتِ رنگين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وسٽي
بفڪر آن تن سيمين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

رهي تشويش دائم دلربا جي وصل جي مونکي
نه ٿي دلکي ڪڏهن تسڪين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

ڪڏهن توفير حاصل ڪان ٿي در محفل خوبان
سدا ديدار خواهش تمڪين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

عمر ساري گذارڻ پئي عمو ساري گذارڻ پئي
بدلداري دلِ سنگين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

اجا اميد هئي دلکي ته آخر پهچي دلبر ما
ببوسم آن لبِ شيرين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

اِگي اي دلربا مون ۾ نه هو هي عيب پريئي جو
جڏهن ٿيس عاشق ديرين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

ڇني مون عمر پنهنجي سو سبر صرفِ سخن سنجي
ڪئي ڪنهن ڪانه ڪا تحسين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

حنا لائي سُهاري ڪي ڪريان ڪئن سرخ اي سانگي
بشوقِ آن ڪفِ رنگين سڀجي ڏاڍي اچي ٿي وئي

تڪرا ڪري لگام ڪي پُرزا الوند ٿي
طبعِ روان جو تند ٿو جهندم سمند ٿي

فڪرِ رسا جو سخت مسلسل ڪمند ٿي
هر بند بند حسن معاني ۾ بند ٿي

منٿن چپن جو يار جي مذڪور ٿو ڪريان
هان نظم منهنجو ڪئن نه صلهٖ ذرِ قند ٿي

مدّاح آهيان آءُ قدِ بالا ڪي يار جو
آواز ڪئن نه شعر جو منهنجي بلند ٿي

ممڪن آهي جو آتش ذرقت ۾ يار جي
بيتاب دل اسانجي طپان جون سپند ٿي

دنيا جي سڀ خلاف آهي رسم عاشقي
رهيا نجي صنم ڪي ته راضي نوسند ٿي

باريڪ آهي رشتهٔ الفت اي دوستو
الله جي ڪرم سان سا مضبوط تند ٿي

آڻيان تو آءُ ڪنهن نه جا مضمون گرم سرد
منهنجو ڪلام جو نه جوانن لئي پند ٿي

هي قرّة العيون خدا يار خان سندم
لطفِ خدا سان سال سدا ارجمند ٿي

اميد آهي سانگي ته سڀڪن دعاءِ خير
جي دوستن ڪي شعر سندم دلپسند ٿي

شاد ڪنهن وقت ۾ يار دل ناشاد ڪجي
جو ويو گذري زمانو سو وري ياد ڪجي

قيد قسمت جي قفس ۾ ڪيو قابو پوءِ جيا
مرغ دل ڪهڙو تڏهن شڪوهٔ صياد ڪجي

جڏهن بيزار اسان کان ٿيا آهن اهل وطن
وادئ قيس وڃي وڃي آباد ڪجي

آهي هي مشڪل پنهنجا به مخالف ٿي پيا — هڪ ٻئي جو شڪوه ڪجي ڪنهن ٻئي وٽ فرياد ڪجي

خرد سالي ڪان نه مُلن جون چمنا نون چکجن — حضرت عشق ڪجهه اول ڪان ئي استاد ڪجي

تهنجي ٻرڻ ئي رکي سر ڪجي قاتل مهنجو — خاص مرضي جي اها آهي نه ارشاد ڪجي

مست جي پنهنجي وجهي زلف جا زنجير وها — تهنجي خاطر نه طلب هرهر حدّ اد ڪجي

وصل جي وقت نه ڪپڙن جو نه زيور جو ضرور — جلوه گر عاشق تي حُسن خدا داد ڪجي

دل ڏجي تا ڏجي اهڙي کي جو دلدار هجي — جي ڪجي يار پيارو نه پريزاد ڪجي

نا تراشيده آهن سي نه چمن جون چوبون — قد دلبر سان نه مَٽ سروِ شمشاد ڪجي

هن زماني ڪان نه بيزار آهيون اي سانگي
جي هجي همتِ عالم ۾ ايجاد ڪجي

ٻي طبيعت نه آهي جي آهي مستي آهي — پنهنجي مشرب ۾ صفا حُسن پرستي آهي

عندليب آهه نه مون جهڙي ڪٿي نغمه سرا — بلبلين سان جي پريل گلشن هستي آهي

پيچبازي ڪان نه ڪاڪل جي ٿي پيچان خاطر — پُرشڪن زلف ڏسي دل ٿي شڪستي آهي

ناهي هموار اصل ڪان نه زماني جي زمين — هر بلنديءَ جي پس و پيش ۾ پستي آهي

شاه مردان جي مدد آهي نه پروا ناهي — زال دنيا جي اسان ڪان جي ٿي خستي آهي

وجد ۽ رقص ۾ عشاق بآواز بلند
عشق سانگي کي جون تا نه الستي آهي

بيقلا بيت جي ڏسي ڪاڻ اڪر ڪري — مضمون شناس تنکي ون تا گهر ڪري

پائين ٿيان منو ٿئي محبت ۾ بند بند — جي نسشڪر گره نه هيٺ ڪٿي شڪر ڪري

توصيف خال وخط ڪري سو ڪم رقيب سان — جو ڪم نه تهنجي ضربِ تيغ و تبر ڪري

پيشن سا تهنجي ياد کي ڦيرو نه ملن — تڏهن ڪئي چوان وڏا ڪم ٿي سيم در ڪري

مشڪل نه آهي شاعر تي شعر جو چوڻ — پر نظم ڪم جي سوچ دلين ۾ اثر ڪري

تاريخ اڄ ستاويهين ماه نومبر آهه — آچر جمعي ڏينهن وينا سون خيمي کي گهر ڪري

انهن ڏينهن سن ۱۳۱۲ [illegible]

جن سال سخت ميھن وسي ڪيو سڪار آهه
آهن ڪريون زمين تي ٻيڙيون ثمر ڪري

هر هڪ کي اهڙو ورهيه آهي جو ني بيان آهه
پاڻهين ٻجن تا پاڻ دو حد ڪري

بوٽن جي باس کان نه معطر دماغ ٿو
خوشبوءِ اهڙي عطر گلاب و اگر ڪري

پر از گياه دامن ڪوهسار ٿي سڄي
سبزو ڏسان ته جيڏي ڏسان ٿو نظر ڪري

بارڻ جي نئين مان ٿو وهي پاڻي هي سڀ جو
يا چشمهٔ حيات وجي ٿو گذر ڪري

باتيتر طلوريون چپن ۾ تيون ڪين ڪنگا
تتر سوين ونن تا وڻن ۾ ولر ڪري

لوڙي ڪوٽ هند ۾ آهي نه ٻي سبب
ويا انجا سناه جانب جنت سفر ڪري

هي سارمين آهه جتي شهريار سنڌ
هر شڪل ايندا ها چاڪر فر ڪري

آهن نشان هي رضا ديدگان سنڌ
اشراف جي ڏسن نه وجن چشم تر ڪري

دنيا جو چار ڏينهن آهي جيتڪي يقين جاڻ
هارائي جو هتي سو هتي ٿو ظفر ڪري

ويو ٿڪجي آهي نو سن طبع روان تنهن
سانگي سمور و نظم جو ميدان سر ڪري

سنڌ مجلس ۾ جهنڊ ۾ ماهِ طلعت نام ور هو تي
رقيب روسيه ڪارو ڪي تنهن ڪام ور تو تي

نصيحت تي ڪئي ناصح تعجب تنهن کا هو مونکي
نه زاهد خشڪ جا اهڙو خيالِ خام ور تو تي

طما جي کي ڪيو گندي مقيد دام ڪاڪل ۾
ته ڏهن ڪينهن ڪناري جا رهت ۾ جام ور تو تي

هنجي تشويش ۾ بلبل نه آءُ ڪنهن تي ڪريان نغمو
چمن ۾ گل جي هت ۾ جنهن گلفام ور تو تي

لبِ جانبخش جو بوسه گهريم اي من مهنجا
نه جاتئي نقد محنت جو مون ترڪان وام ور تو تي

تيم خواهش ڪيي ٢ ڪاسهٔ سر کي ڪريان جام ر
ڏنو مون تي جو تنهنجي لب جو بوسه جام ور تو تي

ودئو مون ڪاڪلِ پيچان کي پاڻي پنهنجي گردن ۾
نهايت ياد لئي پنهنجي هٿان مون دام ور تو تي

هجر کان ياد رهندو هو رخ پرنور دلبر جو
خيالِ ڪاڪلِ پيچان مون وقتِ شام ور تو تي

وئي قا وصل جا واتو ڪئي هر بار اي همدم
ڪڙو انجام تنهنجي من موهن انجام ور تو تي

جڏهن ڪئي مهر اي ٿهرو نه ٿي ڪا وصل ۾ ويرٿ
وگرنه هن مسافت ڪيتري اقيام ور تو تي

برهه جي جڏهن لڳي بازي ها سوداگر سوين آيا
اما الڪائت اسان سودا جو سودو جاندر ور تو تي

اسان انجام ها اي حيدري ها وامق و مجنون
انهن سان گڏ مون حضرت عشق کا انعام ور تو تي

كيو نبيءِ دوسر مولا جي هي دينِ متين ظاهر
ويا نه كافرن ماڻهن اڃا اسلام ورتو ٿي

بُتِ خودڪامِ جڏهن ٿيو رام تڏهن ٿي عام آسايش
اي سانگي ور نه ڪنهن فرقت ۾ ڪو آرام ورتو ٿي

جي غزل ۾ ٿي سندم طبع رواني جاني
آفرين چوندو مونکي روح فغاني جاني

مست لا يعقل اڄ ڪالهه جو آئون ڪين آهيان
اصل کان طبع سندم آهي ديواني جاني

آءٌ تنهنجو اي منا عاشق صادق آهيان
ماهرو منهنجو تون محبوب آهين جاني جاني

هن لئي حيران نه زليخا هئي تو لاءِ جهان
ڪئن چوان تو کي ڀلا يوسف ثاني جاني

هڪڙي جلوه سان ڏني ٿئي ڪون ومڪان کي رونق
بي نشان ڪئن ڪيئي عيان رهي نهاني جاني

حسن تنهنجي جو عجب نسخهء دلڪش آهي
تنهن ۾ موجود آهي حسن معاني جاني

گلِ رخسار تي تنهنجي نه ڪريان ڪئن نغمو
آهيان بلبل نه ڪريان رهي مرخواني جاني

تو سوا منهنجي سري ڪين ڪو ڪنهن طرح ڪٽڪو
في الحقيقت تون آهين روح رواني جاني

پير تنهنجي جو لٽل تنهن ٿيو ڪيئي پير فرڪ
ماه نو آهي ونش سائي نشاني جاني

بندگي تنهنجي جي قمري صفت اي جن جهان
مون گهڻي تنهنجي ۾ پائي آهي گهاني جاني

تنگ رنا موس دل وجان نه ڪيم تو تان نثار
پاڻ تان لاتم آينده تو داني جاني

مهرباني مون گهري تنهنجو ڏسي حسن جمال
ڪين مليم نه آهين ظلم جو باني جاني

جو نه عُشّاق سدا تير مژه سان مارين
تو وٽ آهين اهي ابرو ڪماني جاني

عاشقن جو نه اهي وقت ۾ ودي هوش ڦري
تنهنجي اکڙين ۾ ڦري سرمه جي ڪاني جاني

قدم شرفا جن ما بي ۾ ذره ڪو نه رهيو
نقد جهن وٽ آهي تنهنجي آهي خاني جاني

پاڻ پيري ۾ جي ملندا سين نه پوئين رو جيا
وصل رهي گنهي جي ويو وقت جواني جاني

يار سيڪو تو سدا اڄي مگر آهي مشڪل
ڪين ٿيندا ڪنهن ناني وزباني جاني

عالم ايجاد ۾ ايجاد هزارين ٿيا حسين
شوخ تنهنجو ڪو نه ٿيا خلقيو نه ثاني جاني

گرچيا استاد هو آئينه صفت ٿيو ششدر
اهڙي تصوير کي ڏسندي ٿيئ سماني جاني

لطف ڪر لطف زماني ۾ رهي نام نڪو
حُسن تي ناز نه ڪر جو آهي فاني جاني

موڪليان خدمتِ اقدس ۾ تو آءٌ دلبر
هي غزل آهي سندم حال زباني جاني

منهنجي رتبي کي ته ڏس عبد حسينؑ آهيان
سا تهِ شاهه شهيدان ۾ فنا ٿي جا ٿي

چڱن چوڌرف مُنهنجا جَني
مون محبت دمن موهن سان ڄڻي

سو سبب آهيا ٿيو گرانيءَ جو
دمن وارن جي آهي هڪڙي هڻي

ناميوياڻي ٿوري آهي گهڻي
آهي ڪانئي زهر جي هڪڙي وٽي

مون ملوڪن کان ڪيو ملوڪ خيال
ناز بيجا ڪيو جي جاڻ جڻي

جا محبت مري وئي آهي
لحد دل ۾ سا مون آهي لڳي

ڪيو نهانه زبان کي اهڙو سند
وات گويا هو زخم جو وڃڻي

دل ميري کي ڏوئي صاف ڪئي
اهڙو آٽيان ڪيئي ڪا ڪوڙي ڪئي

ڪيترا ڦيرا ٿي وياتا آهن
دشمني جي مون دلئان پاڙ پٽي

رستگاري جي راهه ڳولي هي
مون ٿي تنهنجي پاڻ گهر جي گهٽي

ماري چو عمر جي ڪوڻ ۾
سنهنجي لوڻ آباڻ آهي لڳي

زلف زنجير ٿي پيا ياري جا
عشق پاڻي بجهي ۾ آهي ڳئي

دانئخال خوبرويين لاءِ ؛ ؛ ؛ ؛
سنگ وانگر اي سانگي دل ٿي ٻڌي

لڳي بادِ صبا آهي گلن کان رنگ گلشن کي
آءِ کا سا بلبل آهيان ڀڳي پاڻ تنهن جا گل جي دامن کي

قفس ۾ ٿي چيو بلبل ته ڪيو صيّاد جا مون ڪان
جڏهن ايو موسم گل ۾ چمن ڇوڙي نشيمن کي

ڀلا آيو وري ٿي ۽ گل جي آمد ٿي سبب ناهي
چمن ۾ گل ڏسڻ آيو آهي بلبل جي مدفن کي

جڏهن آدم ۾ آهي جلوهءِ ذاتي ڪند و جنود
ته هن ڪيهن طرح سان شيطان جمڪائي ٻهي گردن کي

امير المومنين حيدر ڪري مدد ٿي برحق ⁂
اي سانگي مونته ورتو آهي محمد اينجي دامن کي

تيغ زبان ته پهچي ٿي برش عيان ڪري
لي آسمان زمين نهاين آسمان ڪري

جوهر عيان نه ٿيندا ڀي تيغ زبان ڪري — موج سخن ڪاڻ ٿي دريا روان ڪري

بلبل ڪان وڌ زبان سندم تيغ ٿي نغمه سنج — گل وجد ۾ اچي وڃي اهڙو بيان ڪري

ابروءَ کي ٿيو اشارو نه پنبڻون چري ڏيو — جئن پاڻ ۾ مقابلو تير و ڪمان ڪري

فيض قدوم حضرت عشق آهي بيگمان — پيريءَ ۾ مونکي يار اچي نوجوان ڪري

سر منهنجي ٿي ڪري نه ڪري ڪوه دهر دو — پر دلربا نه مونتي ڪنهن دل گران ڪري

الله کي جي عرض ڪريان ٿو آءٌ روز و شب — ان دلبرن کي مونتي وري مهربان ڪري

جي زخم کو لڳي نه ڪريان واه واه واه — تير قهر سان يار هي سينو نشان ڪري

هرهڪ هڏي مان منهنجي صدا ايندي ۾ حيا — جي حد منهنجي يار ٿي امتحان ڪري

هندوءَ خال يار جي توصيف تو ڪريان — تسخير طبع منهنجي ٿي هندوستان ڪري

اهڙو ڪيئي ڪاڻ بخت آءٌ آٽيان اي دوستو — آءٌ التماس وصل ڪريان يار ها ڪري

خالي ڪڏهن نه مئي ڪان رهي ڪاسه مراد — پورو سندم سوال هي پير مغان ڪري

جاڻان نه پوري موئي ميان هي ٿي گفتگو
سانگي جي عشق ٿيو مڪان لامڪان ڪري

مون آندا نظم جا گل و ريحان نظر ڪري — تن سان برابري ڪئي ڪنهن جو بصر ڪري

تيغ زبان کي هاڻ ڪڍان تو بنيام مان — اعدا جي جا هجوم کي زير و زبر ڪري

ڏيکاري آهري بهش تيغ زبان من — دشمن ٿي برق جئن پوي تڪرا سپر ڪري

دريا قدم ٿي توسن طبع روان تيز — هر صف ماڻ جلد باد صبا جئن گذر ڪري

بدخواه کي ڀڄي ۾ وڃي نظم جو ڪمند — يڪدم جڪي وڃان آءٌ ميدان سر ڪري

اهڙو ڪريان آءٌ نوڪ سنان قلم کي تيز — جهنڪي ٽيبي پري ڪان مخالف حذر ڪري

هان ڪيو تو ٻڌي اکيءَ روباه جون ٿيون — ڳجها ۽ گرڙ جيتي شير نر ڪري

مجلس ۾ جو وڃي تو ڪري يا علي مدد
سانگي سو معرڪي ۾ سدا ءِ ظفر ڪري

فصل گل آيو ۽ سودا جو ٿيو سامان آهي — ڪيو وري جوش جنون دست و گريبان آهي

باغ ۾ لاشڪ بلبل ڏسي ٿا باش جڏهن
بعد مردن به هي قران گلستان آهي

حور جنت به ايا زاهد سي ما ڦلنا
جنکي دنيا ۾ عطا حق کان پرستان آهي

يار سهڻو ڏسي تنهن ٿا نه مائل ڪر دل
ڏسندي آخرت اهو دشمن ايمان آهي

شعر منهنجو نه آهي قابل تعريف مگر
زلف برهم جي ٿنا ۾ ٿيو پريشان آهي

بارڪ الله جنهن تنهنجا ڏسي زلف دراز
يا دراز آهن اهي يا شب هجران آهي

ڪيترا منهنجا غزل جو ٽڙيل آهن گم ٿيا
جنجوائي دوستو دل ۾ رهيو ارمان آهي

ڪيئي جا ڄمڻ نه رهندا جيڪي آهن باقي
جمع تنهن ڪيتم سڀئي جنجو ٿيو ديوان آهي

نظم منهنجو ته ڪٿي هن ڪيم وزن کان ويندو
پرهيا هڻ ۾ نه ٿيو محتاج غزلخوان آهي

آهي ساخته سو مستحق خلد برين
آل حيدر جو جو هن وقت ثنا خوان آهي

زال دنيا جي نه ڦندي ۾ ڦاسڻ جو هئا
جو مرد گار ٿيو منهنجو شه مردان آهي

ٿو ڪان صلح صفا سيئن ٿا سدا ءِ سانگي
پالڻي پاڻ ڪيو مون اهو احسان آهي

هاڻي اسانجي آهه توڪل ڪريم تي
فوج سخن جي آهه سواري غنيم تي

هي مصرعن جي ٿي سبب آهي نه صف ڪشي
ٿيو مستعد سپاهه هي آهي مقيم تي

نوڪ سنان کان نوڪ قلم آهه تيز تر
تيغ زبان صفائي ۾ سبقت ڪئي سيم تي

هي سر فروش عشق ها مضمون سنئان سوار
سي حملو ور ٿيا عقل جي عسڪر عظيم تي

زير نگين ٿي مملڪت نظم بيقلم
ارشاد عشق هي ڪيو طبع سليم تي

قائم ڪئي فوج فڪر رهيا فهم ساڻ جو
اعتر تفهيم حرف رکن تا تفهيم تي

آهي اصل کان حسن پرستي اسانجو ڪم
بيهڪ اسانکي آهه رهه مستقيم تي

مرض محبت آهه اصل کان ٿيو لاعلاج
ناحق رکو تا حرف هي هر حڪيم تي

جي ملڪدار آهن مسند نشين ته ها
آهي جلوس پنهنجو به پهنجي گليم تي

حاسد حسد جو ٿو ڪرين تنهن ٿا هر ورد
الله ڪئي عنايت نعمت نعيم تي

ٿي حڪم تنهن کي ڏئي نٿو بي مقصود آهه
لعنت ڪرڻ نه لائق آهي لئيم تي

دل پاش پاش جنهن ڪئي سانجهي اي پرين
پنبڻين جي پلڻن آهه ڪرينه گيهم تي

شوخ بعيد شرط مروت کان ٿي ڪرڻ
بي مهر حديد غلام قديم لي

مشڪين زلف تهنجي جي مونکي اي گلبدن
ڀيجي ٿي روز بوءِ مُعطّر شميم ني

آميان نحيف اهڙو جو نورتا اُڇ ولاءِ
ممڪن آهي ڪرياڻ جو سوار ڀي نسيم ني

چغلن جي چئي لڳي منهنجا اي شوخ سنعلرو
چو سرد مهر ٿئين تون سانگي سقيم ني

دل گهريو زاهد تيان پر مون کان مسرور ني ني
مهلقا جي منهن تي سڙهي دلکي مسرور ني ني

وامق و فرهاد و قيس آهن نشانبر يهو جيا
ملڪ غيرانه محبّت ڪنهنجي مشهور ني ني

اهڙي حالت ۾ آءِ همچشمن کان ڪئن مخفي جهان
مردمان چشم کي ڀي آهي مستور ني ني

داد مردي جو ڏنو سون عشقبازي ۾ مدام
عمر لوڙي ٿي ادا ٿي پرت پر پوري ني ني

وصل خاطر يار جي ويا وقت واڄهون پا ٿينديون
گذري ويو دور جواني دور پر دوري ني ني

مست ڪيو مونکي خمار آلوده اکڙين يار جي
تهنکي مئي ساقي ڏي جهڙي چشم مخموري ني ني

ماڻهي سان ملڪ مولا ۾ گذاريو مون مدام
سب ميسر ٿيو ولڪن تهن کان مغروري ني ني

تو چپو تهڪ محبّت ڪر ڪري آءُ ڪئن سڱهان
مون کان اي منتار مهرو واهڙي منظوري ني ني

بعد ابجي ڪيترائي دار ني هسوار تيا
پر ادا ڪهڻن کان ادا سا ڪار منصوري ني ني

ڪونه ڪو انسان ٿي يڪرنگ دنيا ۾ هيو
ڪنهنجي ڏاڙهي عنبرين اي يار ڪافوري ني ني

ڪين ادنيٰ ٿيندو اعليٰ مان زر و مال چشم
بنگ خاصيت ۾ هرگز آب انگوري ني ني

خانهٔ حق مان ڪرڻ رستو گهريو سب ٿي مگر
حيله ڪرار ڙي ڀي ڪهڻنکي دستوري ني ني

زهر کان خالي نه ها سون پر هينو سو ڪونه نيش
مون کان اي سانگي ڪڏهن ڪاڪار زنبوري ني ني

گل سان بلبل جو عشق جيا آهي
اوءِ نه مون جهڙي جا وفا آهي

يار جهڙو ڪو گل ۾ اي يارو
غمزه و نازِ و ادا آهي

لطف گل ۾ جهڙ تبسم ناهه
زلف سنبل صفت ڀيا آهي

سرخ رخسار يار چون گلنار　　　سبزهٔ خط ته دل فزا آهي
آهي سهڻو سندس سو غنچهٔ دهن　　　حُسن جهنکي ڏنو خدا آهي
داغ لاله کي جهنجي رشڪ کيو　　　خال مشڪين سو بي بها آهي
صاف سهڻو سندس سمن بر آهه　　　جهنجي تنهنجو سدا فدا آهي
نسترن ۾ نه ياسمين ۾ بوءِ　　　عرقِ گلبدن ۾ جا آهي
هڪڙي دلبر ساڻ سري جا گُڻ　　　سڀ گلن ۾ مجال ڪا آهي
سرو ۾ ناهي نانءُ جي رفتار　　　گل زگفتار يار سا آهي
جعد سنبل نه آهي هڙئي دراز　　　زلف دلبر ته اهڙ ڊگها آهي
خطِ طغرا ۾ ڪاتبِ قدرت　　　درج ڪيو زلف کي دوتا آهي
اکيون ڦاٽوڙيون آهن نرگس جون　　　چشم دلبر ته سرمه سا آهي
آهي گل نار سرخ پر سرخي　　　رخِ دلدار جي جدا آهي
وري بلبل کي مون ساڻ تشبيه　　　هو نه مون جهڙي خوشنوا آهي
نه مزو هنجو آهه يڪ رمزو　　　هنکي بس تنهنجي اکتفا آهي
منهنجا سي داستان دردانگيز　　　جنهنجو شهرو ٿيو جا بجا آهي
بارڪ الله منهنجي طبع رسا　　　مدحتِ زلف ۾ رسا آهي
منهنجي شيرين ڪلام تي هرڪو　　　مثل فرهاد مبتلا آهي
بعد فرهاد و وامق و مجنون　　　مون ڪئيو عشق جو لوا آهي
ويو وجود آهي آشنائيءَ جو　　　نام جو هرڪو آشنا آهي
آهيان يڪتا آءٌ عشقبازيءَ ۾　　　عشق مون کي نه بي خطا آهي
آءٌ جوڳي ٿيو پايان گردن ۾　　　زلف دلبر اگر بلا آهي
سيب غبغب سنگهان نه ليان سرهو　　　منهنجي سودا جي سا دوا آهي
قدِ بالاءِ يار ياد اٿم　　　منهنجي پيريءَ جي سا عصا آهي
دل هوائي ٿي ساڻ تو هر ڪنهنجي　　　ڇا ڪا اهڙي لڳي هوا آهي
جيڪي ممنوع آهي مذهب ۾　　　سو نه مشرب ۾ سڀ روا آهي
بي خبر ٿي معاف آهي سو　　　باخبر جو ڪري خطا آهي

زور لائين وحيدر ري تهنجي — صاحبِ طبع سو ادا آهي
هاڻ يڪتا ز شاعران قديم — باقي هڪڙو رهيو گدا آهي
حاجي و سيّدِ خراساني — پيرِ پاڪيزه پارسا آهي

حب ساڻگي کم جي حيدر جي
شان ۾ جنهنجي لا فتيٰ آهي

منهنجي دل جنهن تي مبتلا آهي — زلفِ دلبر اها بلا آهي
نازنين آهه گرچه هو ڦمڙو — زلف دلبر نه اژدها آهي
گرچه آهي ڏنگو پر ابرو يار — منهنجي حاجت ڪندڙ روا آهي
صاف رخسار يار تي ڪارو — دانهٔ خال خوشنما آهي
تنهنجي عاشق کي سايهٔ ريوا — خاص از سايهٔ هما آهي
طائرِ دل جي ڏس ڦسائڻ لئه — زلفِ دلبر تنبو روڻا آهي
هڪ طرف وار ٻئي طرف رخسار — صبح هي آهه هر مسا آهي
پاس خاطر ڪري نٿو ڪنهنجي — فڪر منهنجو نه ٻي ريا آهي
سيکوئي تو گذاري دنيا ۾ — ٻيجا پاڪ باحيا آهي
سونهي مرشد اسانجو آهه ادا — شان ۾ جنهنجي هَل اتيٰ آهي
گرچه سارو وجود اٿم عصيان — پرادا چشم بر عطا آهي
آهي عنقا صفت ني مهرووفا — نام لئي سيکو آشنا آهي
تو ڪريان ذڪر فنا جو بيان — فڪر فقرن منجهي فنا آهي
دير گدر آهه زينتِ اقبال — هي جرس جي صدا صدا آهي
در دولت تي تنهنجي اي ساقي — حُبّهٔ سائي جو موڪل سا آهي
ڪُل حسين مير موتوت آيو آهه — هر طرف شور مرحبا آهي
ڪئن گدا مون کان ٿيندي تضمين اڄ — دل نه ٻئي طرف مبتلا آهي
بنوان بڄز غزل استاد — حيدر آباد ۾ گدا آهي
[illegible] — [illegible] عصا آهي

پارسائي اهو آهي جنھنجو
پارسائي ۾ پارسا آهي

ورد واڻ کي ڪئي وسار ڇڏيو
حيدري يار باوفا آهي

مونکي دلبر سان سو ملائيندو
جو ڪوئي سامع الدعا آهي

طرز هڪڙي ۾ ٻيو غزل ٿي چئي
طبع منھنجي عجيب رسا آهي

تنھنجو حامي هميشه اي سانگي
شير حق شاه لافتا آهي

الاهي منھنجي اکڙ منھنجي دل جو يار اڇي
نھي نکي سوئي ناکر اکين جو تار اڇي

چمن جي سير کان دلکي نه ڪو قرار اڇي
گلن جي ديد کان دلکي تو خار خار اڇي

سمن ۽ ياسمن ونسترن سا ڪڪره
اُتي ٿئي باغ جتي منھنجو گلعذار اڇي

خزان نه چاڻي ڇڏيا برگ برهه جابجا
الاهي باغ محبت ۾ ڪو بهار اڇي

جيو ٿي ياد ڪري يار مونکي مستي ۾
هڻا ڪنس نيڻ مژه جي هڻي شڪار اڇي

سوئي آهي سر تھنجي اي سر جيڏن گھر جي
قدوم پاڪ تان جو يار جيئي نثار اڇي

بلائون سر تي ڪتان يار جون جي زلف دراز
ٻچجي ۾ منھنجي ٻوٽ لئي سو مشڪبار اڇي

اکين هي ناهن مونکي نه اک اٿا گھر جي
جا دير جاءِ منھان يار سان روچار اڇي

تن ڏ زياده ٿئي مستن ۾ منھنجو شان ۾ مان
جڏهن ڪنار ۾ سو شوخ شانن لڙ اڇي

جي مرد آهين نه ثابت قدم ٿي ميدان ۾
مقابلي ۾ اگر سوا جي نزار اڇي

پيارو يا نه آهيان آهي تند توسن طبع
اچي يچا لئي جي گھوڙ ڪو شھسوار اڇي

اي سانگي آتش فرقت کان تو ڪريان فرياد
هي خون آه منان سنبر شعله بار ڪري

کسي سے هرگز نه مجھکو کينا هے
صاف غلغش سے اپنا سينا هے

الفت آل حيدر ڪرار
اپنے دل کا يهي دفينا هے

جوکه قائل نهين هے مروت کا
کون کهتا هے اُسکو بينا هے

دلکي کو نهي پسند سر ما مين
هوتا ريشم سے هے مرينا هے

جسمین رهتا هئی کلمهٔ توحید
دل تو میرا وهی مدینا هئی

نه پهرا کب مراد پر اپني
پهر جو گردون برنگ مینا هئی

رشک سی جسکی هو وی آب گلاب
هان میری گل کا وه پسینا هئی

کف رنگین یار نازک سی
نهین ممنوع مئی کا پینا هئی

یار سی لاؤن سوزن مژگان
زخم دل کا میری جو سینا هئی

قفس تن مرا هئی گر کهنه
مرغ دل بیگمان شمینا هئی

بحر الفت مین جام مئی سرشار
حیدری اپنا وه سفینا هئی

تب تلک گرم صحبتی کر لے
جب تلک جگ مین اپنا جینا هئی

دل نه خالي هئی اپنی عبد الحسین
مئی الفت سی پر لبهه مینا هئی

جب سی که ساکن در جانانه بنگئی
هر خاص و عام دهر سی بیگانه بنگئی

رهتی تهی آگ مجهسی هی نامرد شیخ جی
دامن لیا جو مردونکی مردانه بنگئی

جو جو که غوطه زن هوئی وحدت کی بحر مین
کثرت کو چهوڑ قطره سی دردانه بنگئی

حجره مین دل کی رکهه لیا بُت کی خیال کو
هم آپ گویا غیرت بتخانه بنگئی

مجهسی هزار عاشق شمع جمال یار
پروانه کی جو جان کی پروا نه بنگئی

مسنون کی سرگروه هین مجنون کی بعد هم
صحرا نورد وادی ویرانه بنگئی

مجنون کا ذکر کیا هئی جو خال سیاه کا
دانا جو دیکها دانه دیوانه بنگئی

پیر مغان کی لطف عنایات دیکهکر
مسجد سی اٹهکی ساکن بتخانه بنگئی

عبد الحسین نازش هستی کهان تلک
اوّل جوان تهی آخر پیمانه بنگئی

عاشق اگر هو عشق مین کچهه دم نه ماریئی
معشوق جیت لیجئی اور آپ هاریئی

مشکل پڑی تو شیوهٔ مردانگی هئی یه
یا مرتضی علی کی نه کسکو پکاریئی

شیرین کی شکل کهینچی تهی فرهاد کوه پر
تم اپنی دل په یار کا نقشا اتاریئی

عاشق نوازي آپکو شایان هئی اي دلا … ملعون رقیب عاشق دشمن کو مارئي
دو کالي سانپ یار کی بس زهردار هین … مشاط کچهه سنبهال کی زلفین سنوارئي
تاخیرمت کسو نه هو فصل بهار مین … گرنقد ها تهه مین نهین جاکر اُدهارئي
اس طرز تو مین طبع روان کرکو دیکهئي … کهه دیجئي جواب ذرا دم نه مارئي

ثابت قدم جو کوئی رهي دوستي مین هو
عبدالحسین اپني تئین اوسپه وارئي

دست آوارگي مین جاناهئی … اندنون اپنا دل دیوانه هئی
بلبلون سی کهو کهان هئی بهار … بیوفا دیکهه یه زمانه هئی
مصرعه غیر هو گئی دلچسپ … حسن تیرا عجب شهانه هئی
دانهٔ خال دلفریب کو دیکهه … دل کو دیتا هئی جو که دانه هئی
سُنکی میرا غزل کهینگی لوک … یه عجب طرح کا ترانه هئی
هین جهان ساقي و مئی مطرب … اپنا زاهد وهان ٹهکانه هئی
هئی عبث گلرخون کو دل دینا … اپني خاطر مین خار کهانا هئی
شور گهسکهر هئی قُم باذنِ الله … دمِ عیسیٰ تو راگ گانا هئی

اب هئی عبدالحسین وقت نشاط
کوئی جانان مین آج جانا هئی

ڳالهه اهڙي کڏهن ٻُڌي نه سُئي … آهه عالم جي پرده پوش سئي
تنهن حیاتي همیشه حاصل کئي … جا محبّت جي معرکي ۾ مُئي
عاشقن چشم تر سا سون لاءِ … پوکه پوکي جیکا هُئي سالُئي
دل وٺي درد ڏين ٿوا اي دلبر … ٻول اهڙي اساکي کانه هُئي
آملون پاڻ ۾ ميتا ٿهڙو … یکدل تن سان نه کراي دوستي روئي
تیئن مون کان رقیب آهه پگو … جئن فراري تئي پلي کان کُئي
کیو سانوڻ ۾ سر هوئي کائین … دور سائي جبل جي سبز پُئي

مرد آهين نه نڪري ٿي نروار
جنهن ساڱي سفر ڪيو سنسئي

قطعه تاريخ از جناب سڪندر القاب خسرو قباب مير صاحب مصنف هزهائينس سرڪار مير عبدالحسين خان دام اقباله

اس جگ مين هئي نه جائي عيب چين — عقل پر هئي عشق کي پلٽن کا نير
تب طلب تاريخ کو ميني کيا — جب هوا پورا ميرا ديوان بخير

مطلقاً ديوان ساڱي مين نهين
با سر و بت کها هاتف که غير ١٣١٠

ولهٗ

ختم شد ديوان ساڱي در صيام — خواستم تاريخ ختمش معتنه
قابلِ تعريف اين ديوان شده — بي سر کم گفت هاتف مختصر ١٣١٠

ايضاً

نبوده سبب خاطر من بکلفت — دلِ صافيم بود مائل به الفت
کشيدم چو تيغ زبان را به شوکت — ديارِ سخن را گرفتم به همت
روان شد چون در نظم طبع روانم — زبادِ صبا برد يکبار سبقت
ز تصنيف هرگونه گلها شگفته — به باغ دلِ من ز جوش محبت
چو غرّه نمايان شد از ماه رمضان — شده ختم ديوان ساڱي به بهجت
چون من بي سر فکر تاريخ جستم — بگوشم ندا داد هاتف که عظمت ١١٣٠
گدا شد به تصنيف تاريخ گوشه — دريغ فن که ادا فرو نيست قدرت

به مشرب جلالي و عبد الحسينم
چگونه نباشد کلامم به حشمت

وَلَهُ از مير صاحب دام عمره سنڌي

سوز سانگي هن مون تصنيف ڪيو
ياد ما ٿهن پڻ سوين ڪافيون ڪيون
آهي تنهن نسخه جو جامع ٿيو ۽ شوق
علوي القادري ميو ن وڏل
تنهن ڪا ٿيو بيو فارسي ۾ ٿيو تيار
تڏهن تنهن وچ ۾ غزل پڻ تي حيم
آه سو ديوان سانگي ٿيو تمام
تنهن جي ٿيو تاريخ ابجي با خوشي
با سرِ ياري اهو ديوان نظم

جنهن ۾ ڪافين جو سراسر شغل هو
جي زبان تي آهن رهجي ويون
تنهن وٽ آهي جنهنکي تنهن جو آهو ذوق
رهنمائِ سالڪان صاحب عمل
آهي لطائف لطيفي آشڪار
تن مان ڪي گم ٿيا ڪي هت جمع ڪيم
غرّهٔ ماهِ صيام هنگام شام
ماه مارچ ۾ ز سن عيسوي
ٿيو آهي هاتف چيو بالخير ختم

جلد مڃي جو ڙڌا جي خواهش آهي ٿي
ناهي مشڪل سانگي جي مهلت ملي

تاريخ تصنيف ديوان سانگي ساخته گزيده درگاه عزّ و جلّ ميان وڏل علوي القادري متخلص به حيدري .

مير صاحب ذو الڪرم عبد الحسين خان نامور
مير صاحب ڪهين ڪافين جو عجب تصنيف ڪيو
بعد تنهن جي پيو به لطائف لطيفي نظم ۾

مدح تنهن ممدوح ۾ اي طبع مضمون خوب آڻ
هڪ ڪتاب سوز سانگي جو هو سارو سوز سان
مدح مرشد ۾ ڪئي تصنيف پڙهو جهين ياد ڪ

فارسي هندي ۽ سنڌي ۾ هي ديوان جديد
جو ڪيو تصنيف ان سر ڪلر عالي آه ماڻ

تنهن ٿيو تاريخ جو ڙط جو خيال ۽ فڪر ۾ هُئس تا پوءِ فرخ ڪا فال

قابل تعريف جو آهي آءُ تنهن تي ڪريان
جڏهن پڙهان پڙهيو ديوان ساڱي بي مثل

قافين ۾ تنگ پر طبع ساڱي پاتا ڏاڻ
واسطي تاريخ جو ترڪي منهنجي طبع تاڻ

باسڙي خواستار لطف مونکي حيدري
ٿيو آهي هاتف چيو ديوان ساڱي ختم

از قلم محمد بخش واصف
حيدرآباد سنڌ

۲۴ سپتمبر ۱۹۵۱

ڏکين لفظن جي معنيٰ

صفحو	لفظ	معنيٰ	صفحو	لفظ	معنيٰ
١	ماهِ تابان	چمڪندڙ چنڊ	٣	پند	نصيحت
"	روئي	منهن	"	عصمت	ستر ۽ سيل
"	چاهه	کوهه	"	شڪرخا	کنڊ کائيندڙ
"	زنخدان	کاڏي	"	مژگان	پنبڻيون
"	مرغ	پکي	"	ڪائوس ڪئي	ايران جا بادشاهه
"	زلف	پوپل وار	"	پيرمغان	ساقي
"	مستوري	لِڪَ	"	هُما	هڪ لڪل پکيجو ڦاتو ڪائي
"	گوئي	اڃي	"	استخوان	هڏو
"	گردون	آسمان	"	صاحب قِران	اهو شخص جنهن جي جنم وقت زحل ۽ مشتري هڪ ئي برج ۾ هجن.
"	ڪهن	پراڻو			
"	نوبت	وارو، پير			
"	ابرو	ڀرون	٤	نريمان	هڪ پهلوان جو نالو
"	بُتان	محبوبَ	"	قند مڪرر	اهو مصري جا ٻه ڀيرا صفا
"	تيغ زن	تلوار هڻندڙ			ڪيل ڪجي ـ معشوق جالب
٤	بت شڪن	گهنڊ ٻڌل، ونگ وارو	"	مدرس	استاد ـ پاڙهيندڙ
			"	جبين	پيشاني ـ نراڙ
"	مهلقا	چنڊ جهڙو	"	قواعد	قاعدا
"	رقيب	معشوق جو ٻيو عاشق	"	ديرينه	آڳي اڳ، گهڻن ڏينهن اڳ
"	ڪاڪل	ڪنڍڙا وار	٥	رَشڪ	ريس
"	طائر	پکي	"	نارسا	پهچندڙ جيئن آهه رسا
"	مژه	پنبڻي	"	نخوت	وڏائي.
"	موهوم	وهم وارو	"	سهي	سڌو سنئون
٣	گلگشت	باغ جو سير	"	خال	تِرُ.
"	ادا	نخرو	٤	رخسار	ڳل

Soorih Mirani

٥	رُوسيه	ڪاري مهن وارو	٨	عَمَر	زمانو
"	سرخيل	سردار	"	موصيت	گنهگاري
"	بزم رنگين	رونق واري محفل	"	وجد	جهولڻ
٦	وادي	پٽُ	"	رقص	ناچ
"	قيس	مجنون جو نالو	"	فَتا	جوان
"	درج	لکيل - تحرير	"	گلرنگ	گل جي رنگ جهڙا
"	دل دهي	دل ڏيڻ	"	آڙنگ	آڙاه
"	انتها	پڇاڙي	٩	سيمتن	چانديءَ جي بدن واري
"	صلا	عوضَ	"	خجل	شرمندو - لڄا
"	پيرفلڪ	پوڙهو آسمان	١٠	تجي	زخم - ڦٽُ
"	مُنوّر	روشن، نوراني	"	وسعت	ڪشادگي
"	سمن بر	سمن جي گل جي بغل وارو	"	حلاوت	مٺاج - سلوڻائي
"	چارسو	چئني طرفن	١١	ثمر	ڦل - نتيجو
"	اغيار	ڌاريا	"	روش	ڪلهو
"	نيشڪر	ڪماند - گنو	١٢	پيڪان	تير
"	ڪف	ترِي - هٿ	"	بي شائبه	بنا شڪ جي
"	صفدر	صفون چيرينڌڙ	"	ابر	ڪڪر - بادل
٧	احمر	ڳاڙهو	"	آتشين	باهه جهڙو
"	خارا	سخت	"	مطرب	ڳويو - ڳائڻو
"	عقدهٔ لاينحل	سخت مشڪل	"	مغني	ڳائڻو
"	دزد حنا	اها جاءِ جا مينڌي کان خالي رهجي	"	ڪرشمه	ناز نخرو، اک جو اشارو
"	ضيا	روشني	"	سحاب	ڪڪر - بادل
"	رون	خسيس	"	صَيت	آواز
"	ايمن	امن - پناهه	"	يڪتا	بي مثال
"	محتسب	ڪوتوال - حساب وٺندڙ	"	رجا	اميد
٨	زنگي	شيدي	"	حَزين	غمگين

١٤	طمطراق	ٺٽ - دبدبو	٢٧	شباح	تصوير
〃	خرمن	دَڙ - بار	〃	فلاح	ڇوٽڪارو - ڪاميابي
〃	مشاطه	ڦڻي ڏيڻ واري.	〃	راخ	ٿلهار - رڪ
١٥	گلگشت	باغ جو سير	〃	وماخ	منافق
〃	آبله	ڦِٽَ	〃	صماخ	سوراخ
〃	مرهون	احسانمند	〃	نفاخ	ٽڏو پاڻي
١٦	سمند	گهوڙو	٢٨	موجد واخ	ايجاد ڪندڙ يعني
〃	عادي	عادت وارو	١١	صيد	شڪار
〃	اخگر	ٽانڊو	〃	سرفرازي	بلندي ۽ رتبو
〃	اژدر	اڙدها	٢٩	سپند	هرمرو
〃	دختر رز	شراب.	٣٠	لوا	جهنڊو
١٧	غنيمت	ڪافي - بس مبارڪ	〃	اثمار	جمع ثمر جو
〃	پرتگالي	پورچوگال جو شراب	٣٢	منعم	نعمت وارو، شاهوڪار
١٨	عسار	[illegible]	٣٣	تسڪين	آرام.
١٨	صائغ	جوڙ بندڙ	〃	دُردڪش	گهڙيت پيئندڙ
〃	نادم	پشيمان.	٣٥	خراباتي	شرابي
١٩	سجات	هڪ پوستين جو قسم	٣٦	تگرگ	ڳڙا
〃	ڪلاه	ٽوپ، ٽوپي	〃	سنان	تير
〃	عنب	انگور	٤٢	اشهب بطون	گهوڙو باطن
〃	ثعلب	سيهه جو نالو	٤٣	دراج تڙاڙ	تتر تڪ تڪ
〃	زنار	جنيو	٤٥	عسعس	چوڪيدار
〃	شباب	جواني	٥١	نگار	چٽ - معشوق
٢١	اقليم	ملڪ ولايت	〃	نار	باهه
〃	شطحيات	صوفين جو بيهوش ڪلام	〃	عاخ	ماڙي
〃	مودت	دوستي	٥٢	درد	دوکوف
〃	تسخير	قابو	٥٢	سرزني	جهڙب ڦٽ

٥٣	يَماف	ٿالا
٥۴	خزف	ڪوڙي
〃	قلق	بي آرامي
〃	مشق	چيرا - ڦوٽ
〃	غبغب	ڪاڙي
〃	عمق	اونهائي
٥٥	مرزبان	ٺڪاڻ
〃	عاق	نا رِياڻ
〃	رواق	پيش
〃	نياق	باس
〃	طاق	اڪيلو، لاثاني
〃	قاق	ضعيف
〃	شاق	ڏکيو، ڳرو
٥٧	لنگ	منڊو
〃	پلنگ	چيتو - درندو جانور
٥٨	زنگ	ڪٽ
〃	نهنگ	واڳو
٥٩	درنگ	دير
٥٨	خدنگ	تير
٦٠	مسدود	بند ٿيل
〃	رسل	قاصد
〃	رسائل	خط
〃	مُل	شراب
〃	مشتري	خريدار
٦٢	ذرات	ذرڙا
٦٣	مصفيٰ	هڪ باغ جو پکي سٽ

٦٣	نزار	ٿڪيل - غريب
〃	ڪوهسار	جتي جبل گهڻا هجن
٦۴	قاآن	بادشاهه جو نالو
٦٦	جويبار	جتي نهرون هجن
〃	فرار	ڀاڄ - نفرت
٦٧	سرور	مزو - خوشي
٦٨	رام	مطيع
٦٩	قمر	اُٺ
〃	احترام	عزت
〃	قند	مصري
〃	پند	نصيحت
〃	نگهت	خوشبوءِ
٧١	مسن	پيرو
〃	برملا	ظاهر
〃	سلڪ	لڙهي - ڌاڳو
〃	انجمن	محفل
٧٢	جامع المتفرقين	وکريا ملائيندڙ
٧٣	طرب	خوشي
〃	دلستان	دل ڪسيندڙ معشوق
٧۴	شب تار	ڪاري رات
〃	خميده قامت	ڏنگو قد
〃	برگ	پن
〃	ياسمن - نسترن سمن	گلن جا نالا
٧٥	يارغار	سچو دوست
〃	نثار	قربان
٧٦	مانع	روڪيندڙ

٧٦	ڪليس	وار
〃	لاريب	بي شڪ
٧٩	غيف	ڏبرو
〃	دلق پوش	گودڙي پهرڪندڙ
〃	سمور	ڪپڙي جو قسم
٨٢	طلاطم	لهرين جو ٽڪراءُ
〃	موئي	وار
〃	ميان	وچ
〃	گران	ڳرو
٨٣	شاخ نبات	حافظ شيرازيءَ جي معشوق
〃	زاغ	ڪانگ
〃	خرقه	اگهڙين ٻيل چوغو
٨٤	درس	سبق
〃	آتق	بيزار
٨٥	نمايان	ظاهر
〃	روچندان	ٻيڻو
〃	ارزان	سستو
٨٨	تنهائي	اڪيلائي
〃	فرّخ	سڀاڳو
٨٩	عاري	خالي، عاجز ڪندڙ
٩٠	شيخي	پيري، وڏائي
٩١	پابوس	پير چمندڙ
〃	مغبچه	ڪافر جو ٻار
〃	صور	ڏنڪا اسرافيل جو
〃	مسلسل	لاڳيتا، گڏيل
〃	موهوم	وهمي، شڪي

٩٢	ڪلڪ	ٿال
〃	فارغ البال	واندو، بي اونو
〃	ماند	ڪوڙو، ڇپيل
٩٣	وقير	عزت
٩٤	پنجهٔ مرجان	معشوق جو هٿ
〃	شروان	مٺن جو نالو
〃	مصروف	رُڌل
〃	سرو چراغان	ڏئي جو وڻ
٥	طبّار	آڏو آمندڙ
٩٥	اعتدال	برابري، موافقت
〃	جميل	سهڻو
〃	ناخن	نُهن
٩٧	توسن	گهوڙو
〃	معرڪه	ميڙ، لڙائي
〃	اشجار	وڻ
〃	مايه	لياقت، استعداد
٩٨	مقدور	طاقت، اختيار
٩٩	گوشوارن	پنڙن
١٠١	دار المحن	دنيا
〃	ڪوهڪن	فرهاد
١٠٢	عنبربيز	عنبر ڇڻيندڙ
〃	چنگيز	تاتاري بادشاهه
〃	سمريز	زهر اوڳاريندڙ
〃	شبخيز	رات جو اٿندڙ
〃	سفوش	ڇماندار، ڏنگا
〃	شبديز	گهوڙو

١٠٣	سرواڻ	سنڌ جو نالو	١١٤	حدّاد	لوهار
”	خاقان	بادشاهه	١١٥	برملا	ظاهر
”	ديبا	پٽُ	١١٦	جمل	اُٺ
”	صهبا	شراب	١١٧	تلخ تر	وڌيڪ ڪڙو
”	ترسا	ڪافر، بت پرست	١١٨	عصا	لٺ
”	قمري	هڪ پکي جو نالو	١١٩	يزدان	خدا
١٠٤	طوبا	بهشتي وڻ	١٢٠	تمسڪ	دستاويز
”	گريزان	ڀڄندڙ	١٢١	شڪوه	شڪايت، گلا
١٠٥	مرغوب	وڻندڙ	١٢٢	شميم	خوشبو
١٠٦	شراب ناب	شراب خالص	١٢٣	مرغولا	وڪڙيل، وڪڙهيل
”	لحد	قبر ۾ اهاڃاءِ جتي مردو رکندا آهن	١٢٤	سم	زهر
”	خدامي	نوڪري، خدمت	١٢٥	پريتو	دوست
١٠٧	مساوي	هڪ جهڙو	١٢٦	مصنوعي	هٿرادو
”	ضرغامي	شينهن جي	١٢٧	توقير	عزت
”	خيثامي	شينهن جو	١٢٨	پيسني	هيٺائين
”	نڪهت	خوشبو	١٢٩	حذر	خوف، ڊپ
١٠٩	ڪنتُ ڪنزاً	آءٌ خزانو هوس	١٣٠	ماني	هڪ مشهور مصور
”	ڪاهيد	گهريل، گهٽيل	١٣١	نشيمن	آکيرو
١١٠	دار	ڦاهي	١٣٢	مستحق	حقدار
١١٠	آتشبار	باهه وسائيندڙ	١٣٣	عسڪر	لشڪر
١١١	آتش	اردو شاعر جو تخلص	١٣٤	مستوري	لڪ
١١١	نگراني	نظرداري	١٣٥	خط طغرا	لکڻ جو هڪ نمونو
١١٢	سطين	ٻه ڏهنا	١٣٦	عنقا	هڪ تخيلي پکي
١١٢	وضعدار	جوڙجڪ وارو	١٣٧	گلعذار	گل جهڙي ڳل وارو
”	شعار	طريقو، عادت	١٣٨	سفينا	ٻيڙي
١١٣	مضطر	بيقرار	١٣٩	سني	ٻڌي

سرڪار بلند آثار هز هائنس

میر عبدالحسین خان سانگي

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهہ ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڪوٽ ڪٻڙو، تعلق
رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محل
نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

<u>ان ڇپيل ڪتاب</u>

قدرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) ١٩٩٠ ع

سانڍ سهس ڪجن (شاعري) 2021 ع

بره منجهارا بوند (شاعري) 2022 ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) ان مڪمل

موبائل نمبر : 0344 - 3919786

0300 - 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون لوچو وڃ لوهار

صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488